## حڪومت سنڌ

## آبپاشي کاتو

# ٻوڏ کان بچاءُ لاءِ  ايف پي بند جي بحاليءَ لاءِ

## ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي منصوبي (اِي ايس ايم پي) جو خلاصو

## بچاءَ بند ( آرڊي 0- آر ڊي 502) ۽ بچاءَ بند (توسيعي) آر ڊي 169 آر ڊي 263.5 جي بحالي ۽ مرمت
















## سنڌ فلڊ ايمرجنسي رِي-هيبليٽيشن پروجيڪٽ

ايسوسئيٽيڊ ڪنسلٽنگ انجنيئرس اي سي اِي لمٽيڊ

ريجنل آفيس (ڏکڻ)

ڊِي-288، ڪي ڊِي اي اسڪيم نمبر 1، اسٽيڊيم روڊ ڪراچي-75350 فون (21-92) 34141172، 34141173،

34141174، فيڪس: (21-92) 34141175
اِي ميل: :
اِي ميل: acesouth@gmail.com; www.acepakistan.com

پروجيڪٽ آفيس:

ڊِي-266، ڪي ڊي اي اسڪيم نمبر 1، اسٽيڊيم روڊ ڪراچي-75350 فون (21-92) 34125202 1

اي-ميل: 50dams@gmail.com

# 1. خلاصو

تجويز ڪيل پروجيڪٽ سنڌ فلڊ ايمرجنسي رِي-هيبليٽيشن پروجيڪٽ ٻوڏ کان بچاءُ واري نظام، آبپاشي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال واري سرشتي کي بهتر بنائيندو، ننڍن ڊيمن جي مرمت ڪندو ۽ اوچتي ٻوڏ جي نتيجي ۾ ٿيندڙ تباهي کي گهٽائڻ لاءِ ننڍا نوان ڊيم/بچاءَ بند ٺاهيندو.

انهيءَ کان علاوه، تجويز ٿيل سرگرمين تي عملدرآمد ڪرڻ سان هڪ ڪروڙ ويهه لک ماڻهن جي آبادي، 18 لک ڏهه هزار گهرَ ۽ ستٽيهه لک ستر هزار ايڪڙ پوک طوفاني برساتن کان بچي ويندا. هن پروجيڪٽ جا پنج مکيه جزا آهن: جزو 1 : بنيادي ڍانچي کي ٻيهر بحال ڪرڻ، جزو 2: آمدني جي ذريعن لاءِ مدد ڏيڻ، جزو 3: قدرتي آفتن جو مقابلو ڪرڻ ۽ فني مدد لاءِ ادارن کي مضبوط بنائڻ، جزو 4: پروجيڪٽ جي انتظام ۽ عملدرآمد جو خرچ، ۽ جزو 5: هنگامي حالتن جو ترت تدارڪ ڪرڻ.

اينوائرنمينٽل ائنڊ سوشل مئنجمينٽ پلان ( اِي ايس ايم پي) ماحولياتي ۽ سماجي اثرن ۽ انهن اثرن کي گهٽ ڪرڻ واري جزي- 1 جي نمائندگي ڪري ٿو جنهن ۾ (هيٺ ڏنل ڪم) شامل آهن:

بنيادي ڍانچي جي مرمت ۽ بحالي ۾ ٻوڏ کان بچاءُ جي سرشتي جي مرمت وارو ذيلي پروجيڪٽ يا ثانوي جزو به شامل آهي. بچاءَ بندن جي بحالي ۽ مرمت آر ڊي 0+000 کان آر ڊي 502+000 هن ثانوي جزي جو حصو آهي.

بحالي ۽ مرمت وارا ڪم موجوده ڪل ايراضي تائين محدود آهن انهي ڪري تجويز ڪيل پروجيڪٽ جا هن علائقي تي ڪجهه معمولي ناڪاري ماحولياتي اثر پوندا پر اهي انهي خاص ايراضي تائين رهندا ۽ انهن جي تلافي ڪري سگهجي ٿي.

انهي ڪري هي ذيلي پروجيڪٽ، سنڌ فلڊ ايمرجنسي ري-هيبليٽيشن پروجيڪٽ (ايس ايف اِي آر پي) جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظام واري منصوبي (اِي ايس ايم پي) جي وچڙن امڪاني خطرن جي زمري ۾ اچي ٿو. موجوده اي ايس ايم منصوبو انهيءَ وچڙي خدشي جي ضرورتن جو پورائو ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.

سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِي- هيبليٽيشن پروجيڪٽ جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظام منصوبي ۾ شروعاتي چنڊڇاڻ جي طئه ٿيل معيار مطابق، تجويز ڪيل پروجيڪٽ تي عملدرآمد ٿيڻ سان گهٽ درجي جا ماحولياتي ۽ سماجي اثرَ پوندا. امڪان آهي ته اهي خدشا عارضي رهندا، انهن جي تلافي ڪري سگهبي ۽ پروجيڪٽ جي تجويز ڪيل علائقن تي انهن جا اثر ڊگهي عرصي تائين نه رهندا. انهي ڪري اي ايس ايم پي کي عالمي بئنڪ جي بچاءُ ۽ تحفظ واري ٽيم جي مشاورت سان تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن ذيلي پروجيڪٽ ۾ گهٽ نوعيت جي خدشن جو تدارڪ ڪري سگهجي. سنڌ جي ماحولياتي تحفظ واري

ايجنسي- اِي پي اِي مطابق: تجويز ڪيل ذيلي پروجيڪٽ، بحالي ۽ مرمت وارن ڪمن جي ڪري سنڌ ۾ ماحولياتي تحفظ (اي پي اي) واري قانون 2014 جي دفعا 20 جي دائري ۾ اچي ٿو. انهي ڪري ماحولياتي ۽ سماجي انتظام وارو منصوبو ناهي، سنڌ جي ماحولياتي تحفظ واري ايجنسي وٽ جمع ڪرايو ويو آهي ۽ ڪانئن ’ڪوبه اعتراض ناهي سرٽفيڪيٽ‘ يا اين او سي ورتي وئي آهي.

ان کان علاوه، ذيلي پروجيڪٽ جي چنڊچاڻ، ماحولياتي ۽ سماجي معاملن جي هڪڙي فهرست وسيلي عمل ۾ آندي وئي. انفرادي فهرستون پرڻ لاءِ سروي ڪيا ويا ۽ انهن سرويئن دوران ماحولياتي ۽ سماجي خدشن جي هڪ سمري به قلمبند ڪئي وئي. بحالي ۽ مرمت جا وڏا ڪم ڪل ايراضي تائين محدود رهندا. انهي ايراضي اندر عوامي استعمال جي ڪنهن عمارت يا ڪاروباري سرگرمين جو وجود ناهي. جڏهن ته اڻ سڌي طور متاثر ٿيندڙن جو ڪاٿو 250 فوٽن تي لڳايو ويو آهي. ذيلي پروجيڪٽ ويجهو (500 ميٽرن تائين) قديم آثارن جي ڪابه جاءِ نه ڏٺي وئي ۽ ڪي به طَبعي ثقافتي وسيلا ذيلي پروجيڪٽ واري هنڌ يا انهي جي پرسان نظر نه آيا جن جو اڏاوتي ڪمن جي نتيجي ۾ متاثر ٿيڻ جو امڪان هجي. اڏاوتي ڪمن واري علائقي ۾ ڪوبه قبرستان ناهي. بحالي لاءِ تجويز ڪيل علائقي پرسان (گهٽ ۾ گهٽ 500 ميٽر ۽ وڌ ۾ وڌ 2 ڪلوميٽرن تائين) ڪجھ ڳوٺ ڏٺا ويا، پر اهي ايراضي کان ٻاهر آهن. اڏاوت واري مرحلي ۾ سماجي طور حساس جايون جهڙوڪ: مسجدون، اسڪول، بنيادي صحت مرڪز، قبرستان وغيره اڻ سڌي طرح متاثر ٿيڻ جو امڪان آهي پر اهو اثر عارضي آهي، (نقصان گهٽائيندڙ تدبيرون اختيار ڪرڻ سان) انهن جي تلافي ٿي سگهي ٿي. اهي گهٽ اهميت رکندڙ ۽ ٿوري مدي لاءِ آهن.

بحاليءَ جي ڪمن لاءِ 9 مقامي قسم جي وڻن کي هٽائڻ جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي. انهن مان ڪوبه وڻ آءِ يو سي اين جي انهي فهرست ۾ ناهي جن کي ختم ٿيڻ جو خطرو هجي. انهي ساڳئي قسم جي 45 وڻن جي ٻيهر پوکائي ڪئي ويندي يعني هڪڙي وڍيل وڻ لاءِ پنج ٻيا وڻ (1:5) پوکيا ويندا. اڏاوتي ڪم شروع ٿيڻ کان پهرين، وڻن جي سامان جي تفصيل تيار ڪئي ويندي. ذيلي پروجيڪٽ واري علائقي ۾ ڪي به تحفظ ڏنل ٻيلا ڪونه ڏٺا ويا. ذيلي پروجيڪٽ جي ايراضي جي ۾ ڪنهن مخصوص نباتات يا جانورن جو ڪوبه خطري ۾ پيل قسم نه ڏٺو ويو.

هنن ذيلي پروجيڪٽن لاءِ ڪابه ذاتي زمين وٺڻ جي ضرورت ناهي چو ته بحالي ۽ مرمت جو ڪم ڪل ايراضي تائين محدود آهي جيڪا سرڪاري زمين آهي.

تجويز ڪيل ذيلي پروجيڪٽ جي ايراضي، هڪڙي گول وادي يا پيالي جهڙي آهي جنهن جي چوطرف ڪيرٿر جي قطار آهي. زميني ايراضي جي حوالي سان هي علائقو ٽن پاڱن ۾ ورهايل آهي: ڪوهستان جو پَٽ (الهندو ٽڪرو)، آبپاشيءَ جي مرڪزي ڪئنال وارو حصو ۽ ڪڇي جو علائقو[1].

ذيلي پروجيڪٽ جي ايراضي 2 اي ۽ 2 بِي وارن حصن ۾ اچي ٿي ۽ انهي زمين جي زلزلي جنبش ماپ هڪبئي کان مختلف آهي جيڪا 0.08 کان 0.16 ۽ 16.0 کان 0.24 تائين آهي (پاڪستان بلڊنگ ڪنٽرول ڪوڊ آف پاڪستان 2007). اهو وچٿري نقصان جي خدشي وارو علائقو آهي يعني اهي علائقا جيڪي ايراضي ۾ اچن ٿا تن ۾ زلزلي اچڻ جو ٿورو امڪان آهي. هي ضلعا (دادو ۽ قمبر-شهدادڪوٽ) سنڌ ۾ اڌ بنجر علائقا شمار ٿين ٿا. جيڪب آباد، نوابشاھ ۽ لاڙڪاڻي کانپوءِ قمبر سنڌ جو گرم ترين علائقو سمجهيو ويندو آهي. مئي، جون ۽ جولاءِ مهينن ۾ گهڻي ۾ گهڻي گرمي پئي ٿي جن ۾ تپش جي حد 45 سينٽي گريڊ کان 33 سينٽي گريڊ تائين پهچي وڃي ٿي ۽ سراسري طور گهٽ مان گهٽ تپش25 سينٽي گريڊ تائين هوندي آهي. ڊسمبر ۽ جنوري مهينن ۾ گهڻي مان گهڻي ٿڌ پئي ٿي، جن ۾ گهڻي مان گهڻو ۽ گهٽ مان گهٽ گرمي پد ترتيبوار 30 سينٽي گريڊ ۽ 10سينٽي گريڊ هوندو آهي. سال 2002-2007 ۾ برساتن جي ساليانې سراسري ماپ 102.6 ملي ميٽر درج ڪئي وئي. اهي انگ اکر جيڪب آباد جي موسمياتي اسٽيشن وٽ درج ٿيا جيڪا ذيلي پروجيڪٽ واري هنڌ کان ويجهي ۾ ويجهي اسٽيشن آهي.

ذيلي پروجيڪٽ جي مختلف علائقن مان زميني نمونا وٺڻ جو ڪم نيسٽ ليب جي ماهرن سرانجام ڏنو ۽ انهن نمونن جو تجزيو (ايس اِي پي اي کان منظورشده) ٻَڪام ليبارٽري ڪيو. سنڌ اينوائرنمينٽل ڪوالٽي اسٽئنڊرڊ 2016 (ايس اِي ڪيو ايس) پٽاندر انهن زميني نمونن جي چڪاس ڪئي وئي. سواءِ پاڻيءَ ۾ حل ٿيل جزن ۽ ڪلورين مرڪبن جي، جن جو مقدار ايس اِي ڪيو جي ٻڌايل حد کان ٿورو وڌيڪ آهي-هتان جو پاڻي سٺي معيار جو آهي. تجزيي مان ظاهر ٿئي ٿو ته سواءِ لوڻياٺ جي (هن علائقي جي قدرتي زميني تهن سبب) سڀ زهريلا ڌاتو حد کان وڌيڪ ناهن.

ناڪاري اثرَ  جيتوڻيڪ صرف اڏاوتي ڪمن دوران متوقع آهن جيڪي نون مهينن تائين جاري رهندا. تنهن هوندي به لازمي آهي ته اڏاوتي عرصي ۾ ٺيڪيدار، انهن نقصان گهٽائيندڙ تدبيرن تي سختي سان عمل ڪري جيڪي رپورٽ ۾ تجويز ڪيل آهن. انهيءَ کان علاوه، تجويز ڪيل سموري ذيلي پروجيڪٽ لاءِ عارضي سهولتن (جهڙوڪ: ڪئمپ ايراضي ناهڻ، اڏاوتي سامان رکڻ جو هنڌ يا گاڏيون بيهارڻ جي جاءِ وغيره) موجوده صاف ٿيل يا بنجر زمين تي ناهيا ويندا ته جيئن ساهوارن جا قدرتي ماڳ گهٽ ۾ گهٽ متاثر ٿين.

[1] ڪڇو/هيٺانهين زمين/دريائي علائقو: ڪڇو، ڪيرٿر ٽڪرين ۽ سنڌوندي جي وچ وارو علائقو آهي. هن ايراضي کي بجاطور ويڪري ڪڏ چئي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ ته انهي جي اتر کان ڏکڻ واري وچين لڪير، هڪڙي طرف سنڌوندي کان ۽ ٻئي طرف ٽڪرين جي پاڙ کان ڪافي هيٺ آهي.

انهي ڪانسواءِ ڪو به عارضي يا مستقل روڊ نه ٺاهيو ويندو ۽ موجود زميني سنوت ئي استعمال ڪئي ويندي. ڪم هلڻ دوران ڪي به مشينون ۽ مشيني سامان وغيره هلائڻ جي ضرورت ناهي.

پيشي سان لاڳاپيل صحت ۽ حفاظت کي يقيني بنايو ويندو ته جيئن بيمارين ۽ حادثن کان بچي سگهجي ۽ گڏوگڏ، مزدورن ۽ ڳوٺاڻن کي صحت-صفائي جي ڄاڻ ڏيڻ، صفائي سٿرائي لاءِ قدم کڻڻ، هنگامي بنيادن تي ترت سهائتا جي طريقن تي عمل ڪرڻ، صفائي جون گهربل سهولتون ڏيڻ، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ مزدورن لاءِ گند جي دپن جي فراهمي جي مستقل چڪاس ڪئي ويندي. هي سمورا ڪم ايس ايف اي آر پي لاءِ خاص طور تيار ڪيل مزودورن جي انتظامڪاري طريقي ڪار يا ليبر مئنجمنٽ پراسيجر پٽاندر آهن.

سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِي- هيبيليٽيشن پروجيڪٽ توڙي موجوده ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي منصوبي (اي ايس ايم پي) تي عملدرآمد لاءِ، عملدرآمد وارو شعبو يا پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ (پي آءِ يو) سنڌ جو آبپاشي کاتو ذميوار هوندو جنهن جو سربراهه پروجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي. پروگرام امپليمينٽيشن يونٽ ۾ پروگرام تي عملدرآمد ڪرائيندڙ صلاحڪار (پي آءِ سي) کي به شامل ڪيو ويو آهي جيڪو اڏاوتي ڪمن جي نگراني لاءِ ذميوار هوندو. آخر ۾، اڏاوتي ڪمن جي ٺيڪيدار وٽ، نقصان کي گهٽ ڪرڻ وارا قدم سرانجام ڏيڻ ۽ موجوده اي ايس ايم پي ۾ واضح ڪيل ٻين ضرورتن جي پورائي لاءِ ماحولياتي، سماجي، صحت ۽ تحفظ جو/ ليبر آفيسر هوندو.

اينوائرنمينٽل ائنڊ سوشل مئنجمنٽ پلان تي عملدرآمد لاءِ 7،699،250 روپين جي ڊالر بجيٽ رکي وئي آهي. ذيلي پروجيڪٽ لاءِ، ڳوٺاڻن جي عام سهائتا واسطي 1،000،000 روپيا رکيا ويا آهن. انهي کي اي ايس ايم پي جي بل ۾ رقم واري عارضي اسم طور ضم ڪيو ويو آهي.